مختيار احمد ملاح

# سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو علم: هڪ اڀياس
# A Study on Geography Subject in Sindhi Language


**Abstract:**

*Geography as a field of learning has continue to hold special importance since ancient times because the relation between human beings and the earth is eternal, and the knowledge of earth is said to be 'Geography'. As ancient books on history of Sind are written in Arabic and Persian, so the Geography of Sind is also written in those languages. Additionally, the books written in English on the Geography of Sind are in English language. When different writers began to write books on Geography in Sindhi in nineteenth century, the term "Dharti Nirwar (The Manifestation of Earth)" also came to be used for Geography in Sindhi. The article will try to expose that Geography subject was not promoted in Sind after independence because Geography is not taught now at schools like past times. Previously, the syllabus of class/grade One to Three contained books on Geography subject, which particularly contained the brief information of different talukas of Sind, but such books have disappeared altogether now. A very small number of students opts Geography at college level. Likewise, a few students opt to seek admission to Geography at university level. Over many past years, no book on Geography has been published in Sindhi. This article presents review of the printed material on Geography in Sindhi.*


قديم دور کان جاگرافيءَ جي علم کي خاص اهميت حاصل رهي آهي، ڇو تہ انسان ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ گهرو تعلق رهيو آهي. ڌرتيءَ بابت ڄاڻ جي علم کي 'جاگرافي' چيو وڃي ٿو. جاگرافي، ٻن يوناني لفظن 'جيو (Geo) معنيٰ 'ڌرتي' ۽ 'گراف (Graph) معنيٰ 'ماپ' مان نڪتل آهي. هنديءَ ۾ جاگرافي کي 'ڀون- وگيان' بہ چون ٿا. سنڌ جون اوائلي تاريخون جيئن تہ عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهن، ان ڪري انهن ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافي بہ عربي ۽ فارسي زبانن ۾ درج ڪيل آهي. جيڪي انگريزي زبان ۾ ڪتاب لکيا ويا، انهن ۾ جاگرافي بہ

انگريزيءَ ۾ لکيل آهي. اٺويهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ جي شروعات ٿي تہ ليڪڪن جاگرافيءَ لاءِ ”ڌرتي نروار“ جو لفظ بہ ڪتب آندو. اڪثر جاگرافيدانن، پنهنجي علمي ميدان کي نہ رڳو طبعي حالتن وارين تصويرن تائين محدود رکيو آهي، پر ان کي ڌسي مشاهدن ۾ لاڳاپن، انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ مختلف عنصرن تي بہ نظر رکي آهي. خشڪي ۾ ساموندي ورهاست، طبعي ۾ زميني ڪيفيت، پاڻي ۾ هوا، نباتات، حيوانات، معدنيات، زراعت، صنعت ۾ حرفت، آمد و رفت ۾ ملڪي پاڳن ۾ فطري تبديلين جي سببن ۾ نتيجن تي پڻ نظر رکڻ سندن تحقيق ۾ شامل آهي.

جاگرافي، درحقيقت مشاهدي جو هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان ٽن قسمن جو مواد حاصل ٿئي ٿو: پهريون سائنس جي مزاج ۾ قاعدن جي ڄاڻ ملي ٿي، ٻيو هن وسيلي منظم سائنسي مضمونن جي پيش ڪيل تصويرن واري صحت جي جاچ ڪئي ويندي آهي ۾ ٽيون مخصوص جاين جي جدا جدا حالتن جو حقيقي تجزيو. ان ذريعي سامهون اچي ٿو. جاگرافيءَ جو تعلق موسم، زمين ۾ ستارن وغيره سان بہ آهي، ان ڪري جاگرافيءَ کي سنڌي ۾ ’آڪاشي نروار‘ بہ چيو ويندو هو. جاگرافيءَ جو ساهوارن، پيداوار، سياحت ۾ سماج ڪانسواءِ نفسيات ۾ فلسفي سان بہ تعلق آهي. جاگرافيءَ جو علم نقشن جي ڄاڻ ڪانسواءِ پڙهي نٿو سگهجي.

بنيادي طور جاگرافيءَ جون بہ اهم شاخون’طبعي جاگرافي‘ (Physical Geography) ۾ ’انساني جاگرافي‘ (Human Geography) آهن. اڳتي هلي انساني جاگرافيءَ جون ڪيترين ئي شاخون نڪرن ٿيون. جيئن سنڌ جي قديم تاريخ آهي، تيئن دنيا جي مختلف ٻولين ۾ آيل سنڌ جي جاگرافيءَ جي بہ قديم تاريخ پڻ آهي. سنڌ ۾ کيرٿر جي جابلو قطارن ۾ ڪيترين ئي غارون واقع آهن، جن ۾ تصويري لکتون موجود آهن، ۾ جن تي اجا تائين ڪا منظم تحقيق ڪانہ ٿي آهي، پر انهن تصويري لکتن ۾ ڪي طرف ٻڌائڻ خاطر ’تير‘ يا اشارا ڏنا ويا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جاگرافيائي اهميت کي سمجهندي طرفن جي نشاندهي ڪئي ويندي هئي.

**سنڌ جي جاگرافي ۾ تاريخي حدون:** سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت يونانين کان وٺي عرب جاگرافيدانن جا انيڪ حوالا موجود آهن. سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت رچرڊ برٽن لکيو:

"سنڌ پرڳڻو اپکنڊ (سنڌ تاسر: Indian Plate) جي ڏکڻ ڪنڊ وارو اهو زميني حصو آهي، جيڪو اتر ويڪرائي ڦاڪ جي 23 ۽ 28 درجن ۽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ جي 66 ۽ 71 درجن جي وچ ۾ موجود آهي. ان جي اتر کان ڏکڻ تائين ڊيگهه 360 ميلن جي لڳ ڀڳ ٿيندي ۽ ويڪر 170 ميل آهي. ان جي وچ مان وهندڙ 'سنڌوندي' (River Indus) اُن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿي. ان نديءَ پنهنجي لٽ سان سنڌ جو ميداني علائقو لکين ۽ ڪروڙين سالن دوران جوڙيو آهي".(1)

رچرڊ برٽن، سنڌ جي جاگرافيائي حدن بابت وڏيڪ لکي ٿو تہ:

"اهو علائقو جنهن کي يوناني 'سنڌومان'، پراچين هندو 'سنڌ ديس'، عرب جاگرافي نويس 'سند' ۽ هاڻوڪا رهواسي 'سنڌ' جي نالي سان سڏيندا آهن، ان جون حدون هي آهن: اتر طرف بهاولپور جو علائقو، ڏکڻ طرف عربي ۽ هندي وڏو سمنڊ، اوڀر طرف واريءَسا 'رڻ پٽ' ۽ الهندي ۾ کيرٿر ۽ ان سان لاڳاپيل جبلن جون قطارون، جن کي يورپ وارن جي غلطيءَ سبب 'هالار جبلن' جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو".(2)

سنڌ جو سمورو الهندو پاسو جابلو سلسلن ۽ ان جي مختلف ورنن ۽ مختلف جوڙجڪ واري ٿاڪرو نمونن سان سرشار آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مان ملندڙ معلومات موجب:

"الهندي وارن جبلن جي هن سلسلي کي سنڌ واسي 'کيرٿر جابلو سلسلو' (Khirther Mountain Range) چون ٿا. هي جابلو سلسلو 'زمين جي جيالاجيڪل (پون ڇاڻڪاري) ماپي' (Geological Scale of Earth) موجب 'پربت جيڏن جانورن واري زماني' (Jurassic Era) يعني اٽڪل روءِ 13 ڪروڙ 60 لک ورهيہ (136 million years) اڳ پوري ٿيڻ کانپوءِ 'چن ۽ چاڪ واري زماني' (Cretaceous Epoch) ۾ جڙي راس ٿيو. هي دؤر 13 ڪروڙن سالن کان هڪ ڪروڙ سالن تائين جاري رهيو. ان دؤر جي وچ ڌاري گلن ۽ ڦرهن وارا ٻوٽا اُسريا. انهيءَ زماني تائين اپکنڊ (سنڌ تاسر)، 5 ڪروڙ ورهيہ اڳ گونڊوانا لينڊ (Gondwana Land) مان مڊگاسڪر وٽان ڇڄي، ٽيٿئيس سمنڊ (Tethys Sea) ۾ هڪ وڏي ٻيٽ

(Great Island) وانگر تري رهيو هو. ان زماني ۾ اپکنڊ اتر طرف هوريان هوريان سُرڻ شروع ڪيو ۽ 4 ڪروڙ 50 ورهيہ اڳ اپکنڊ ۽ يورئشئن تاسرن جو ٽڪراءُ (Collision of Indian Eurosion Plates) ٿيو جنهنڪري ’ويڙهيدار جوان جابلو سلسلو‘ (Young Folded Mountain Range) هماليا ۽ 5 لک سال اڳ زمين جي اندرين تبديلين جي ڪري ڪئلاش پربت اوچتو اڀريو جڏهن تہ کيرٿر سلسلي جون پراڻيون ٽڪريون ’پربت جيڏن ۽ ريڙهيون پائيندڙ جانورن واري زماني‘ (Jurassic & Triassic Era) جون آهن، جيڪي هن اپکنڊ- يوريشئن تاسرين جي ٽڪراءَ واري زماني ۾ 5000 فوٽ کان وڌيڪ اتاهيون ٿي نروار ٿيون“.(3)

سنڌ جو الهندو جابلو سلسلو مختلف مٿاهين چوٽين سان نروار آهي، جيڪي سنڌ ۾ تمام مشهور آهن.

**کيرٿر، ڪُتي جي قبر، ڪڪريو، ڪارو ۽ پيٽارو:** کيرٿر جي سڀ کان اڀي چوٽي ڪُتي جي قبر آهي، هن ماڳ جي اوچائي 7200 فوٽ آهي. هيءَ چوٽي ري جبلن ۽ ڪوئيٽا وارن جبلن کان بہ اُڀي آهي. هن چوٽيءَ جي اتر طرف ’ڏاڙهياري‘ جبل جو مٿانهون پٽ آهي، جيڪو سراسري طور سمنڊ کان 6000 فوٽ مٿانهون آهي. ’کيرٿر جابلو سلسلو‘ ٽن جدا جدا نالن سان: ’ڪڪريو، ڪارو ۽ پيٽارو‘ جبلن ۾ ورهايل آهي ۽ اهي هڪٻئي جي سامهون اولهہ سنڌ مان لنگهن ٿا. پهرين جابلو قطار ’ڪڪريو‘، کيرٿر جي اوڀر ۾ آهي، جنهن جا پاسا اُڀا، اڙانگا ۽ اولهہ طرف لڙيل آهن. ٻي جابلو قطار ’ڪارو‘ وچ وارو مٿانهون پٽ آهي، جنهن جون چوٽيون، سنون ۽ سڌن جابلو ليٽن وانگر آهن، جن جا پاسا گول آهن، ٽين جابلو قطار ’پيٽارو‘، ڇن جي جبلن جي ڇپن تي آڏاريل آهي. (4)

سنڌ جي جاگرافيءَ جو اڀياس، در اصل سنڌ جي زميني ورنن جو اڀياس آهي. سنڌ جا برپٽ، واريا سا پٽ سنڌ جي اعليٰ سونهن جو بيان آهن.

**اپرندي وارا واريا سا پٽ:** اپرندي وارا واريا سا پٽ، جيڪي راجسٿان سان وچي ملن ٿا،

سي ڪنهن زماني ۾ ڏاڍا آباد، وسيل ۽ ساوڪ سان ڀرپور علائقا هئا، جتي هاڪڙو، چتانگ ۽ سرسوتي نديون وهنديون هيون. ان وقت ۾ سنڌ کي ٻه وڏا درياهه آباد ڪندا هئا. هڪ ايرندو درياهه، جيڪو پڪ ئي پڪ هاڪڙو هو ۽ ٻيو الهندو درياهه 'سنڌو' آهي. جيڪو ڪڏهن هاڪڙي جي ويجهو ۽ ڪڏهن پرانهون ٿي 20 ۽ 70 ميلن جي وچوٽي ڏئي الهندي طرف کان وهندو رهيو آهي. هنن درياهن جي پرتي ڪنڌ نديون ۾ سنڌونديءَ جون پرتي ڪنڌ نديون: ستلج، بياس، راوي، چناب، جهلم هيون، جڏهن ته ايرندي ڏانهن چتانگ ۽ سرسوتيءَ جا وهڪرا به جاري ۽ ساري هئا. هاڪڙو 'زميني جڙيل تاسرين جي چرپر' (Movement of Tectonics Plates) جي ڪري آيل زلزلن سبب رخ بدلائي يمنا (جمنا) جو پراڻ وچي ٿيو ۽ سنڌ جي ادبي اتهاس ۾ ان جي ياد رڳو هڪ سورٺي ۾ وڃي رهي آهي:

هاڪ وهندو هاڪڙو، ڀڄندي ڀنڊ اروڙ،
بهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي! (5)

"ايرندي جي هن ريگستاني وارياسي پَٽ کي سنڌ واسي 'ٿر' سڏين ٿا. هن خطي ۾ وڏا وارياسا پٽ ۽ ڀِٽون آهن. ان جي سراسري ويڪر 50 ميل ٿيندي. هي باراني علائقا آهن ۽ اتان جي زندگي مينهوڳيءَ تي آڌاريل آهي. ٿر جا ڪي حصا 'نارو ڪئنال' (Nara Canal) آباد ڪري ٿو. هن وارياسي علائقي جي ڏکڻ اوڀر ڪنڌ وٽ 'ڪارونجهر جبل' آهي، جيڪو 12 ميل ڊگهو آهي ۽ ان جي اوچائي 1000 فوٽ ٿيندي. هي جبل 'زمين جي اندرين آتش فشاني لقائن' (Volcanic Activities) جي ڪري 5 ارب 70 ڪروڙ ورهيه اڳ وجود ۾ آيو. اصل ۾ ڪارونجهر جبل ڏکڻ هندستان جي اراولي جابلو سلسلي (Aravali Mountain Range) جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن کي ڪڇ ۾ 'ڪارا ڏونگر' (Black Mountains) چيو ويندو آهي. هي سلسلو سمنڊ جي اندر تائين هليو وڃي ٿو. گجرات ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ آيل ماضيءَ جا زلزلا ۽ سونامين وارا لقاءَ، هنن جبلن جي اندر هلندڙ آتش فشاني عمل جي ڪري ٿيا هئا".(6)

سنڌ جو ميداني علائقو جيڪو سنڌو نديءَ زرخيز لٽ آڻي، هزارين ۽ لکين ورهين ۾ جوڙي راس ڪيو اهو ئي زرخيز ميداني علائقو سنڌو تهذيب جي اوسر جو بنيادي ماڳ رهيو آهي. هتي ئي اوائلي زرعي سماج ۾ مالوند لوڪن گڏجي، واڌو

زرعي ۽ چوپائي مال جي واڌ سبب وسنديون، واهڻ ۽ شهر جوڙيا.

**سنڌ جو ميداني علائقو:** "سنڌ جو ميداني علائقو (Alluvial Plain)، جيڪو سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪپن سان لاڳيتو 10 کان 25 ميلن تائين ويڪرو آهي، سو ڪشمور کان وٺي 'عربي/ سنڌي سمنڊ' تائين هليو وڃي ٿو. هي انتهائي زرخيز علائقو سال ۾ ربيع ۽ خريف جي ٻن فصلن جي اپت ڏئي ٿو. ڪٿي ڪٿي ته سال ۾ ٽي فصل به پوکيا وڃن ٿا، جن ۾ ناڻي وارا فصل (Cash Crops) به شامل آهن."(7)

سنڌ جو ڪيٽيائي ماڳ، جتي سنڌو ندي ڇاڙون ڇاڙن ٿي وهندي آهي، سنڌ جي سامونڊي ڇاڙهه ڪي روڪڻ وارو تمر جي ٻيلن سان ڀرپور علائقو آهي، جتي مڇين جون انيڪ جنسون واڌ ويجهه ڪن ٿيون.

**سنڌ جو ڊيلٽائي علائقو:** "سنڌ جو ڊيلٽائي علائقو سنڌونديءَ جي سترهن (17) ڇاڙهن تي ٻڌل آهي. سنڌو ڊيلٽا 350 ڪلوميٽرن تي 'مور کنپ' جهڙي صورت ۾ پکڙيل آهي. هن علائقي جي 'سنڌو ڊيلٽائي- منهن' (Mouth of Indus Delta) ۾ اٽڪل 300 ننڍا وڏا ٻيٽ آهن، جن اندر ماضيءَ ۾ ملاحن ۽ ميربحرن جا سوين ڳوٺ آباد هئا، اڄڪلهه سنڌونديءَ ۾ پاڻيءَ گهٽ هئڻ ۽ مٺي پاڻيءَ جي کارين تائين گهٽ پهچ هئڻ ڪري مڇي ۽ جهينگن جو نسل ختم ٿيندو پيو وڃي ۽ ڇهن لکن هيڪٽرن تي ٻڌل تمر جا ٻيلا، جيڪي انيڪ قسمن جي مڇي ۽ ٻي آبي جيوَت جي 'قدرتي ٻيجاري' (Natural Hatcheries) جا مرڪز هئا، سي هاڻي ختم ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتا آهن. ڊيلٽائي علائقا ۽ اتي موجود تمر جا ٻيلا هر قسم جي آبي جيوَت سان گڏ انساني ٻيٽ قوت ۽ جيئدان جو ڪارڻ آهن. تمر جي ٻيلن جي کوٽ جي ڪري 'سنڌ جو ماحولياتي نظام' ۽ 'ماحولياتي وايومنڊل' (Eco system) بدلجي رهيو آهي."(8)

قديم تاريخ ۾ سنڌ کي هڪ تمام وشال سامونڊي ڪنارو هو جيڪو گذريءَ کان ڪنيات نار تائين لاڳيتو هليو ٿي ويو. هن وقت به سنڌ جو سامونڊي علائقو ۽ بندرگاهه وڏي جاگرافيائي اهميت رکن ٿا.

**سنڌ جو سامونڊي علائقو:** سنڌ کي تمام ڊگهو سامونڊي ڪنارو آهي،

جنهن تي ڪراچيءَ جهڙو عالمي هاڪ رکندڙ شهر ۽ بندر موجود آهي.
سنڌ جي ساموندي ڪناري سان ماضيءَ ۾ انيڪ قديم بندر: ديبل، پنيور، لاهري، ڪيٽي ۽ علي بندر وغيره موجود رهيا آهن. اڄڪلهه رڳو ڪراچي بندر ئي هڪ وشال بندر جي حيثيت ۾ سنڌ جي ناڻي جي اُپت (Revenue) جو مکيه وسيلو آهي. ان بندر ذريعي سموريءَ دنيا جا واپاري جهاز اچ وڃ ڪن ٿا. پاڪستان جي بحري فوج جو مرڪز بہ ان شهر ۾ آهي. (9)

**سنڌ جا خشڪ علائقا** (Arid Zones of Sindh)**:** پاڪستان جي جملي خشڪ زمين جو 17 سيڪڙو سنڌ صوبي ۾ آهي، جنهن کي 'نيم گرم استوائي بيابان' (Subtropical) جو درجو ڏئي سگهجي ٿو. سنڌ جي خشڪ زمين 68000 هم چورس ڪلوميٽرن ڪان سرس ايراضيءَ تي پکڙيل آهي، جنهن کي هڪ جيترن ٽن حصن: **ٿر، ناري** ۽ **ڪوهستان** ۾ ورهائي سگهجي ٿو. سنڌ جي جملي جاگرافيائي علائقي 14.09 ملين هيڪٽرن مان 9.28 ملين هيڪٽر چراگاهه آهن ۽ اهي گهڻي ڀاڱي ملڪي ملڪيت آهن، جن کي 1958ع ۾ 'تحفظ ڏنل ٻيلا' قرار ڏنو ويو.

(1) **ٿر:** ٿر جو علائقو 23000 هم چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي ۽ ان جي آدمشماري ارڙهن لکن جي لڳ ڀڳ آهي. سنڌ جي هن علائقي جو وڏو حصو ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهي، باقي عمرڪوٽ ضلعي سان واسطو رکي ٿو. ٿرپارڪر ضلعو ڏکڻ طرف ڪڇ جي رڻ سان ملي ٿو ۽ هندستاني وڏي ريگستان جو هڪ حصو بڻجي ٿو. جاگرافيائي بيهڪ جي لحاظ کان هي علائقو 240 ڪان 280 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 670 ڪان 710 اوڀر ڊگهائي ڦاڪ جي وچ تي آهي. ٿر جي آبهوا اتر ۾ خشڪ ۽ ڏکڻ ۾ بنهه خشڪ آهي. اتر ۽ ڏکڻ ۾ وسڪارو مختلف وقتن تي ٿئي ٿو. هن علائقي ۾ هر ٽن چئن سالن ڪانپوءِ وڃي ڪو مينهن وسي ٿو ۽ هر ائن ڏهن سالن ڪانپوءِ مڪمل خشڪساليءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. گهٽ وسڪاري جي مند ۾ اها شرح اڃا بہ گهٽجي وڃي ٿي. (10)

(2) **نارو:** ناري جو علائقو 22000 هم چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي، جنهن جو مٿانهون حصو سکر، خيرپور، نوابشاهه ۽ سانگهڙ ضلعن سان

ملندڙ آهي. ٿر ۽ نارو سنڌوءَ جي ڪابي طرف آهن ۽ اهي سنڌ صوبي جي اڀرندي حد بڻجن ٿا.(11)

**(3) ڪوهستان:** ڪوهستاني علائقو 23000 هزار چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي ۽ سنڌ جي جملي زمين جو 4 سيڪڙو خشڪ آهي، جنهن ۾ دادو، لاڙڪاڻي ۽ ٺٽي جا حصا اچي وڃن ٿا. ماحولياتي حساب سان هي 'نيم گرم جابلو خطو' سڏجي ٿو ۽ گرم ساموندي چراگاهه جو درجو رکي ٿو. ڪوهستان الهندي سرحد کان سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ تي ۽ ڏکڻ ۾ انڊس ڊيلٽا سان پکڙيل آهي".(12)

**سنڌو ندي:** هندن جي ڌرمي ڪتاب "رگويد" لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو هندن جو سڀ کان آڳاٽو ڪتاب آهي. ان بابت راءِ بيٺي آهي ته اهو 1500 کان 2000 سال قبل مسيح جي عرصي جو لکيل آهي. ويدن ۾ گنگا جو ذڪر فقط ٻه دفعا ملي ٿو، پر ان ۾ سنڌو درياهه جي شان کي 30 پيرا ڳايو ويو آهي. انهن شلوڪن ۾ سنڌو جي تهذيب، درياهي وهڪرن، ماڻهن ۽ ٻين جاگرافيائي حالتن جي ساراهه ٻه اچي وڃي ٿي:

اجهل، اڻموٽ سنڌو،
ٻَل واري سگهاري سنڌو،
ڏيهن ۽ ميدانن مان،
اپار پاڻيءَ جا، ڦهلاءَ ڪٽي،
جر ڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي، وهندي رهي ٿي،
جهڙي ابلق گهوڙي،
سونهاري ۽ سوڀيا وان سنڌ،
پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ آهي شاهوڪار رٿن ۽ ويسن وڳن ۾،
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار،
اڻ مَئي مايا جي مالڪ.
هتان جا گاهه نيڻ نار ۽ لذت وارا
اُنَ اهڙِي جو وينو ڏس
شربت جو ميناج نه پُڇ".(13)

**سنڌ ۾ جاگرافي جي علم جا مختلف دور:**

**سنڌو سؤوير**: مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ ۽ سؤوير هڪ مُلڪ ليکيا ويندا هئا. ملتان جو حصو سؤوير جاتو ويندو هو. راجا جئدرٿ سنڌي هو. سنڌ جي جن آڳاٽن شهرن جو ذڪر راماڻ ۽ مهاڀارت ۾ آهي، اُهي آهن:

الور-اروڙ وئشي آرين جو تختگاهه.

پٽالا-سور آرين جوڙيو.

سيووستان- سيوي آرين تعمير ڪرايو هو.

مينانگر- سنڌ جي ڊيلٽا تي، سنڌ جو مشهور شهر.

هنگلاج- لس ٻيلي ۾ مهاڪاليءَ ديويءَ جي مندر جو تيرٿ".(14)

**سنڌ جا قديم يوناني جاگرافيدان**: سنڌ جي قديم جاگرافيءَ جا حوالا يوناني ۽ رومي جاگرافيدانن ۽ سياحن جي ڪتابن مان پڻ ملن ٿا، جن ۾ هڪيٽس، اسڪائليڪس، هيروڊٽس، ميگٿز ٿيسينز، ارٽستو بولس، ڪلائٽار جس، ايرنٽو سٿينيس يودوڪسز، استرابو، پلو ٽارچ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. سنڌ جي تاريخ جا مستند حوالا راءِ گهراڻي جي دؤر حڪومت کان ملن ٿا. پروفيسر محرم علي خان موجب:

"سنڌ جو پهريون دارالحڪومت، جيڪو تاريخي طور تي اسان کي معلوم آهي، سو الور جو تخت- شهر آهي. انهيءَ شهر ۾ ئي سنڌ جي پهرين حڪمران خاندان راءِ گهراڻي جي حڪومت سن 495ع يعني پنجين صديءَ کان شروع ٿئي ٿي".(15)

هن دؤر ۾ سنڌ جي عوام جي هڪ وڏي اڪثريت سنڌونديءَ جي ڪنارن تي رهندي هئي، مڇي مارڻ، جانور پالڻ، شڪار ڪرڻ ۽ زراعت سندن مکيه ڌنڌا هئا، زراعت کي خاص اهميت حاصل هوندي هئي. اهڙي طرح ٻاهرين دنيا سان بہ سندن واپاري تعلقات هئا. هن دؤر ۾ ملڪ اندر سڪا بہ رائج هوندا هئا.

**سنڌ جا عرب جاگرافيدان**: يونانين کان پوءِ سنڌ جي جاگرافيءَ جي گهڻي ۾ گهڻي معلومات عرب سياحن ۽ جاگرافي دانن جي ڪتابن مان ملي ٿي. 712ع ۾ عربن سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي ۽ عربن جو سنڌ ۾ اچڻ وڃڻ جو هڪ طويل سلسلو شروع ٿيو. عربن باقاعده سنڌ جا نقشا جوڙيا، پنهنجي ڪتابن ۾ شامل ڪيا. اهڙن نالن ۾ بزرگ بن شهريار، ابن خردازبہ، ابن حوقل، جاحظ، استخري، الادريسي، زڪريا قرويني،

احمد بن يعقوب، المسعوري، ابوالحسن، احمد بن يحيٰ، ابو زيوالحسن، ابن بطوطا، البيروني، عبدالقادر بغدادي ۽ ٻيا ڪيترائي نالا شامل آهن. عرب، جاگرافي جي ميدان ۾ انتهائي قابل سمجهيا ويندا هئا. هو جاگرافيءَ جي تحقيق جي سلسلي ۾ سالن جا سال گهران نڪري ويندا هئا ۽ ساموندي سفر ڪري مختلف ملڪن جو مشاهدو ڪري ڪتاب لکندا هئا ۽ نقشا تيار ڪندا هئا. عرب، سنڌ جي مستند جاگرافيءَ جي معلومات، نقشن سميت تيار ڪري ڏئي ويا آهن. اهي ڪتاب عربيءَ ۾ اڄ بہ موجود آهن، جن مان اڪثر انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن، جڏهن تہ سنڌيءَ جي تحقيقي ڪتابن ۾ بہ انهن جا حوالا اچي چڪا آهن. ابن حوقل پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي هيٺين رياستن، انهن جي حڪمرانن ۽ راڄڌانين جو ذڪر ڪيو آهي:

| نمبر | رياست جو نالو | راڄڌاني | حڪمران |
|---|---|---|---|
| 1 | ملتان | جندورو | سام بن لوي |
| 2 | سنڌ | منصوره | هباري گهراڻو |
| 3 | مڪران | ڪي | عيسي بن معدون |
| 4 | مشڪي | مشڪ | مطهر بن راجا |
| 5 | ٻڌ | گنداوا | غير مسلم راجا |
| 6 | طوران | طوران شهر | ابو القاسم بصري |
| 7 | قزدار | ڪنيز ڪاتان | معين بن احمد |

**عرب دور کانپوءِ جاگرافيءَ جو علم**: سنڌ ۾ عربن کان پوءِ وارن حڪومتي دورن: سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور(1843_712 ع) ۾ سنڌ ۾ فارسي زبان ڪي رياستي ٻوليءَ جو درجو مليل هو. اِنهن دورن ۾ فارسي ۽ عربي زبانن ۾ سنڌ جي علم ۽ ادب تي بيشمار ڪتاب لکيا ويا، جن مان ”چچ نامي“ کي خاص اهميت حاصل آهي. ’چچ نامو‘ سنڌ جي تاريخ جو بنيادي ماخذ آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي راءِ، برهمڻ ۽ عرب دورن جي تاريخ ۽ جاگرافي بابت اهم معلومات ملي ٿي. ان کان علاوه سيد مير محمد پورانيءَ جي ’نصرت نامہ ترخان‘، مير محمد معصوم بکريءَ جي ’تاريخ معصومي‘، سيد طاهر محمد سنياني جي ’تاريخ طاهري‘، ادارڪي بيگلاري جي ’بيگلار نامو‘، مير علي قانع جي مختلف ڪتابن مان يوسف ميرڪ جي ’مظهر شاهجهاني‘ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن جا جاگرافيءَ جا الڳ باب لکيا ويا

آهن. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دورن کان وٺي سنڌ ۾ سنڌي زبان ۾ ڪتابن لکڻ جي هڪ تحريڪ شروع ٿي، پر انهن ۾ اڪثر ڪتاب ديني معاملن بابت لکيا ويا، ان جي باوجود مدرسن ۽ مڪتب ۾ جاگرافيءَ جو مضمون پڙهايو ويندو هو. ته جيئن ٻار پنهنجي اردگرد جي حالتن، ملڪن ۽ طبعي حالتن وغيره کان باخبر ٿين. جيڪڏهن سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ کي ڏسجي ته، جاگرافيءَ جا سنڌي زبان ۾ اهڃاڻ انهن جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. قديم ڪلاسيڪل شاعريءَ مان جبلن، ڍنڍن، ڍورن، برن، ندين، قومن، شهرن، ڳوٺن، سامونڊي سفرن، مذهبي مڪانن، طوفانن ۽ برساتن وغيره جي معلومات ملي ٿي. خود شاهه لطيف جي شاعري جاگرافي حوالن سان ڀرپور آهي. مثال طور:

موٽي مانڊاڻن جي، واري ڪيائين وار
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڌار
ڪي اٿي هليون استنبول ڏي، ڪي مڙيون مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندن سار
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار
جنبي ويون جسيلمير تان، بيڪانير بيڪار
ڪنهن ڀُڄ ڀڄائيو، ڪنهن ڍٽ مٿي ڍار
ڪنهن اچي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار
سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين (16)

ٽالپرن جي دور (1843ع_1783ع) ۾ مغربي عملدار، سياحن ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ايجنٽن جو سنڌ ۾ اچ وڃ جو سلسلو عام هو. يورپي قومن مان انگريزن خاص ڪري سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ، اهميت ۽ افاديت تي ڌيان ڏنو ۽ هنن سنڌ ۾ سنڌو نديءَ ذريعي وڻج واپار تي ڌيان ڏنو. بعد ۾ برطانوي حڪومت سنڌ ۾ قائم ٿي. ان عرصي ۾ انگريزن خاص طور سنڌ جي تاريخ، ادب، ٻولي، جاگرافيءَ ۽ ملڪي حالتن تي رپورٽون تيار ڪيون ۽ ڪتاب لکيا، جن ۾ جاگرافيءَ جي باب کي سڀ کان اول رکيو ويندو هو. انگريز عملدارن سنڌ جي جاگرافيءَ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو.

هنن سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ جا نقشا تيار ڪيا. سنڌ جي زراعت، آبپاشي، جبلن، واهن، وادين ۽ ٿر جي صحرا جا بہ نقشا جوڙيا، جيڪي اڄ بہ استعمال ٿي رهيا آهن. هنن سنڌو درياهہ جي ڀرپور سروي ڪئي. جاگرافيءَ جي ميدان ۾ اليگزينڊر هيئملٽن، ناٿن ڪرو، هينري پاٽينجر، اليگزينڊر برنس، جيمس برنس، هيوگو جيمس، آرٿر ڪونولي، رچرڊ هارٽلي، وليم هينري ڊيني، سر آئزڪ نڪولسن ايلن، ٿامس پوسٽنس، جيمس آئوٽرام، چارلس مئسن، ميلڪم رابرٽ هيگ، رچرڊ برٽن، ڪئپٽن ايس اين ريڪس، جين فيئرلي، ڊيوڊ راس، جارج راورٽي، ايڇ ٽي لئمبرڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي جي ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ جي ڀرپور معلومات ملي ٿي.

**انگريزن جي دور ۾سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو علم:** جيستائين سنڌ ۾ انگريزن جي دور تائين سنڌي الف ـ ب نهي راس نہ ٿي هئي، تيستائين سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جا ڪتاب بہ نہ لکيا ويا هئا نہ شايع ٿيل هئا. 1853 ع ۾ سنڌي زبان لاءِ سنڌي الف ـ ب کي سرڪاري طور نافذ ڪيو. سنڌي زبان ۾ درسي ڪتاب لکجڻ لڳا. سنڌي اسڪول کوليا ويا تہ سنڌي زبان ۾ مختلف مضمونن لاءِ ڪتاب بہ لکجڻ لڳا. انگريز سرڪار پنهنجي تعليمي تجربي جي حساب سان جاگرافيءَ جي مضمون جي اهميت کان واقف هئا. هنن جاگرافيءَ جي مضمون کي پهرين جماعت کان وٺندي ڪاليجن تائين پڙهائڻ جو بندوبست ڪيو. انگريزن جو دور سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جي اهميت ۽ ڪتابن جي لحاظ کان عروج جو دور هو. هن دور ۾ سنڌي ۽ انگريزي ۾ جاگرافي جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. سنڌ ۾ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو. هن دور جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ هيٺيان ڪجهہ ڪتاب اهم آهن:

**ننديرام ميراڻي سيوهاڻي (1819ـ1875 ع):** سنڌي الفابيٽ جڙڻ کان وٺي سنڌي عالمن ٻين موضوعن سان گڏ جاگرافيءَ ۾ معلومات پڙ لکي. ان ۾ ڪيترائي عالم اڳڀرا ۽ گيان ڏيان وارا هئا. سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان اول ننديرام ميراڻي، جيڪو سيوهڻ جو رهاڪو ۽ الفابيٽ ڪميٽيءَ جو ميمبر هو سندس علمي توڙي ادبي خدمتون ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون. خاص ڪري الف ـ ب جي موجوده تشڪيل ۾ سندس ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن. جديد علمن جي اصطلاحن کي يڪجاءِ ڪرڻ ۾ سندس ئي ڪوششون تعريف لائق آهن. اڄ بہ جاگرافي، رياضي جاميٽري ۽ ٻين علمن ۾ تيار ڪيل ڪتابن ۾ سندس جوڙيل اصطلاح مروج آهن.

”هن ۾ مهاديو شاستريءَ ڳڌجي 1855ع ۾ ’ڌرتي نروار‘ جي نالي دنيا جي مختصر جاگرافيءَ جو انگريز ليکڪ هينري موريس جي انگريزي ڪتاب تان ٻن جلدن ۾ ترجمو ڪيو. هينري موريس هندستان جي اسڪولن جي ڪورس لاءِ ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. ڪتاب پهرين حصي ۾ 246 صفحا ۽ ٻيو حصو 194صفحن تي پکڙيل هو. پهرئين جلد ۾ يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ اوشينيا جي جاگرافي لکيل آهي ۽ ٻئي جلد ۾ ايشيا کنڊ ۽ هندستان جي جاگرافي ڏنل آهي.“جاگرافيءَ سان تعلق رکندڙ سنڌي ۽ عربي ٻولين وارا اصطلاح جيڪي هنن جاگرافين ۾ ڪم آيل آهن، سي ساڳيا اڄڪلهه جي سڌريلن جاگرافين ۾ بہ قائم آهن. جهڙوڪ: محور، قُطب، خطِ استوا، ڏکهائي ڦاڪ، ويڪرائي ڦاڪ، مڌيان ڦاڪ، کنڊ، ٻيٽ، اُپٻيٽ، ڳچي ڌرتي، راس، نار، اُپسمنڊ وغيره “.(17)

ان کان پوءِ 1861ع ۾، مهاديو شاستريءَ ، ننديرام سان گڏ ’جغرافيہ جديد‘ لکيو. هي ڪتاب وڏن ڪلاس جي شاگردن جي ڪورس تي رکيل هو. هن ڪتاب ۾ جاگرافيءَ جي معلومات سولي نموني سمجهايل آهي. مهاديو شاستري ان زماني ۾ تعليم کاتي سان وابستہ هو. هن ڪي درسي ڪتاب پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيا هئا.

پنڊت بنسي ڌر چرنجي لال هندي جي ڪتاب ’بديا نگر‘ تان ’حقائق الموجودات‘ نالي اردو ڪتاب جوڙيو هو.ديوان نديرام ان جو 1861ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سندس نالو ’سنساري نروار‘رکيو.’مطالعه الفطرت‘ (Nature Study) يا ’سرشتي اڀياس‘ تي هي پهريون پهريون ڪتاب سنڌي ۾ لکيو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جي ڄاڻ ڏيڻ جو بنياد نديرام سيوهاڻي وڌو.

**نارائڻ جڳن ناٿ وئديہ :** جڳن ناٿ، سنڌ جي جاگرافي، تاريخ تي’سنڌ جو نروار‘ نالي ڪتاب سال 1865ع ۾لکيو. ڪتاب جيتوڻيڪ مختصر آهي، پر معلومات جي لحاظ کان نهايت مفيد ۽ بنيادي آهي. ڪافي عرصو هي ڪتاب نصاب ۾ شامل هو. هي ڪتاب مختلف بابن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي رخن کان معلومات مهيا ڪري ٿو. 1856ع ۾ سيد ميران محمد شاهه (اول)، جنهن ڪتاب ’سڌاتورو_ڪڌاتورو‘ لکيو هو، تنهن ’آڪاشي نروار‘ لکيو. ’آڪاشي نروار‘ يعني خلاصہ نظام شمسي (نظام شمسيءَ

جو تشريحي بيان). ”هي ڪتاب وڏن شاگردن لاءِ درسي ڪتاب هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ علم هيئت بابت هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڌرتي، سج، چنڊ، سيارن (گرهن)، ثوابت (نکترن يعني بيٺل تارن) پڇڙ تارن، ڪسوف (سج گرهڻ) ۽ خشوف (چنڊ گرهڻ) بابت ماڻهن جا جيڪي اٽڪلپچو ٿيل خيال ۽ عقيدا هئا، تن کي ڪوڙو ثابت ڪيو ويو آهي. ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

”هن ڳالهه جي ڏيان ڪرڻ کان تہ اسين ڌرتيءَ سُوڌا جنهن تي رهندا آهيون، توف جي گونري کان پڻ هيڪوسو وِيهُوڻو تڪڙو هوا تي اڏامندا وڃون. ڪهڙا ڪهڙا اچرج پڌرا ٿين ٿا ۽ ڏٺيءَ جو ڊپ ۽ ان جي ٻانهپ ۽ چڱي ۾ رهڻ ڪيترو اسان تي جوڳو ٿئي ٿو“.(18)

1856ع ۾ مشهور عالم، اديب ۽ ماهرِ تعليم ڪوڙي مل چندن مل ’املهہ علم طبعي‘ لکيو جنهن ۾ هن خاص طور طبعي جاگرافيءَ جي معلومات مهيا ڪئي آهي. ان کان پوءِ واحد بخش جو ’تہ جُلدي علم طبعي‘ (1874)، هوتچند سگنومل جو ’جاگرافي‘ (1910)، چيلارام کيچند جو ’جاگرافي‘ (1937)، گرمداس پيٿو مل جو ’جاگرافي‘ (1944) ۽ بي ايس ناگراڻيءَ جو ’جاگرافي‘ (1945) اهميت وارا آهن. انگريزن جي دور ۾ سنڌي زبان ۾ جيڪي بہ جاگرافيءَ جا ڪتاب لکيا ويا، انهن مان اڪثر تعليمي مقصدن خاطر لکيا ويا، جن جا ليکڪ اسڪولن جا استاد هئا. جيڪڏهن انهن کي موضوع وار الڳ ڪجي تہ انهن کي هيٺين ريت ورهائي سگهجي ٿو:

(1) دنيا جي جاگرافي
(2) مختلف کنڊن جي جاگرافي
(3) هندستان جي جاگرافي (جنهن ۾ بمبئي کاتي جي جاگرافي بہ شامل آهي)
(4) سنڌ جي جاگرافي (جنهن ۾ اٽلس جاگرافي بہ شامل آهي)
(5) سنڌ جي مختلف ضلعن ۽ تعلقن جي جاگرافي

ان سلسلي ۾ جيڪڏهن مختلف کنڊن جي جاگرافيءَ جي ڪتابن جو جائزو وٺبو تہ انهن ۾ اهم نالو هري سنگهہ ڊنگو مل جو ملندو. هو ڪراچيءَ ۾ هڪ اسڪول ۾ ماستر هو. هن ڪيترائي درسي ڪتاب لکيا. جڏهن تہ جاگرافيءَ جي ڪتابن ۾ ’ٽي جلدي جهان جي جاگرافي‘ (1888)، ’ٻہ کنڊي جاگرافي يعني ايشيا ۽ يورپ جو

مختصر نروار' (1884)، 'انگلينڊ ۽ آمريڪا جي مختصر جاگرافي (1884)، جاگرافي يورپ آمريڪا ۽ آفريقا (1884)، آفريقا ۽ آمريڪا جي جاگرافي (1884)، هندستان جي مختصر جاگرافي (1885) ۽ سنڌ جي تمام مختصر جاگرافي (1909) وغيره اهم آهن.

**راءِ بهادر تارا چند شوقيرام (1850_1893ع) بحيثيت جاگرافيدان:** سماج سڌارڪ راءِ بهادر تارا چند شوقيرام تعليم کاتي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ سان گڏ ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد جو ڪيترائي سال پرنسپال رهيو ۽ سرڪار طرفان تعليم کاتي ۾ ترجمان طور به ڪم ڪيائين. تارا چند شوقيرام جي اصلي شهرت جاگرافيدان واري آهي. هن جاگرافي جي مضمون تي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ 'فزيڪل جاگرافي' (1851ع)، 'دنيا جي جنرل جاگرافي' (1886ع)، 'يورپ کنڊ جي جنرل جاگرافي' (1885ع)، 'ڏکڻ ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي' (1885ع)، 'فزيڪل جاگرافي سوالن جوابن ۾' (1885)، 'يورپ کنڊ جي تفصيلوار جاگرافي' (1886)، 'ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي' (1885) وغيره اهم آهن. سندس پهريون ڪتاب 'يورپ کنڊ جي جنرل جاگرافي' آهي ، جنهن ۾ برٽش آٽلس انگريزي ڀيٽ) متعلق مفيد معلومات ملي ٿي ۽ ڪيترن انگريزي ڪتابن جي ورق گردانيءَ جو نتيجو آهي. ڪارخانا، ٻيلا، کاڻيون، پوکون، تعليم، اپسمنڊ ۽ ناريون وغيره جي چٽي سمجهاڻي ڏنل آهي. انگريزن جي فتح ڪيل ايراضين، يورپ ايشيا، آفريقا، آمريڪا ۽ آسٽريليا بابت به چارٽ جي صورت ۾ تفصيلي سان ذڪر ڪيل آهي.ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

1. جبل: هن ۾ چار مکيه جابلو ضلعا آهن. پينائن جي قطار جو ڀيٽ، ٽڪرين کان لنگهي ڊربي شيئر جي ٽڪرين تاءِ اچي ٿي. اهي سڄي قطار ۾ ڪرائس فيل تمام وڏي چوٽي آهي، جنهن جي اتاهي 2927 فوٽ آهي.
2. ڪمبيرئن قطار انهيءَ جي به شڪل گول جهڙي آهي سا پينائن جي الهندي پاسي آهي تنهن ۾اسڪافيش وڏي وڏي چوٽي آهي جنهن جي بلندي 3229 فوٽ آهي، ٻي چوٽي هبليويلن 3055 فوٽ ۽ ٽي اسڪڊار 3012 فوٽ.
3. ڪيميرين جي قطار، جا ويلس جي گهڻي ڀاڱي ۾ لنگهي وڃي ٿي انهيءَ ۾ سنوڊن جبل آهي ۽ جنهن جي اتاهي 3590 آهي ، اها چوٽي انگلينڊ ۽ ويلس

جي سيني جبلن کان وڏي آهي انهيءَ کانسواءِ ٻيون چوٽيون ن بہ آهن، جهڙوڪ بريڪناڪ بيڪن پلنلمن کيڊر آئبرس. انهن قطارن ۾سيورن ۽ وسندين جي وچ ۾ هڪڙي ننڍڙي قطار آهي، جنهن کي مالورن چون ٿا.

4. ڊووئين قطار جنهن ۾کاسيندبيڪن ۽ ڊارٽ مور جبل آهن.

جڏهن تہ ٻين ڪتابن ۾ واحد بخش جو 'بہ کنڊي جاگرافيءَ ' (1893)، محمد يوسف جو 'جاگرافي ايشيا ۽ يورپ جي جاگرافي' (1897)، عبدالحق جو 'ايشيا کنڊ جي جاگرافي' (1888)، جمال الدين جو 'ايشيا کنڊ جي جاگرافي' (1898) ۽ ايم اي جگتياڻي جو 'ائٽلس جاگرافي يورپ کنڊ' (1926) وغيره اهم آهن. دنيا ۽ مختلف کنڊن کان علاوه گڏيل هندستان ۽ ان وقت جي بمبئي حڪومت هيٺ هلندڙ رياستن جي گڏيل جاگرافيءَ جا ڪتاب پڻ لکيا ويا. اهڙن ڪتابن ۾ سنڌ جي جاگرافي بہ شامل هوندي هئي. ان سلسلي ۾ اتمچند تارا چند جو هندستان جي جاگرافي (1875)، محمد رمضان آخوند جو 'هندستان جو مختصر نروار' (1882)، عبدالحق جو 'هندستان جي مختصر جاگرافي' (1888)، کيمچند شوقيرام جو 'هندستان جي مختصر جاگرافي' (1893)، ساڳي نالي سان فقير محمد بہ 1893 ۾ ڪتاب لکيو. آغا تاج محمد جو ڪتاب 'ڏس ۽ سک جاگرافي هندستان' 1940ع ۾ شايع ٿيو.

بمبئي کاتي جون مختصر جاگرافيون هريسنگ ڊنگو مل بہ ڪافي لکيون، پر منشي گرٽ نولالسنگهہ سيوهاڻي (1828_1887) جو لکيل 'بمبئي کاتي جي جاگرافي' (1868) اهم آهي. سندس باري ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو تہ: 'هو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر (ضلع ڪراچي ۽ شڪارپور) جي آفيس ۾ هيڊ منشيءَ جي عهدي تي فائز هو. هن جي تحرير ڪيل 'بمبئي کاتي جي جاگرافي' 1868ع ۾ شايع ٿي. سندس انداز بيان جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

> "سنڌ جي جو واءُ پاڻي خشڪ ۽ گرم آهي، آرهڙ جي ڏينهنِ ۾، سکر ۾ 102 درجي تائين ٿرماميٽر جو پارو چڙهي ٿو. اتر ڏي ايتري سخت گرمي آهي جو افغانستان جا ماڻهو چوندا آهن تہ سنڌ جي گرمي اچي ماڻهوءَ کي ڪارو ڪري ٿي چڏي ۽ آني کي پچائي وجهي".(19)

**جگتراءِ ايسر داس شِوداساڻي (1882_1945):** جگتراءِ ايسر داس شِوداساڻيءَ جو شمار انهن جاگرافيءَ جي استادن ۾ ٿئي ٿو جن ائٽلس جاگرافيءَ جا ڪتاب لکيا. هو

حيدرآباد جي ٽريننگ اسڪول ۾ استاد هو بعد ۾ وائيس پرنسپال جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. سندس ڪتابن ۾ 'ائٽلس جاگرافي هندستان' (1926)، 'ائٽلس جاگرافي سنڌ' (1922)، 'ائٽلس جاگرافي يورپ، جاگرافيءَ جو ڪورس ۽ جاگرافيءَ جو ايڪسرسائيز بوڪ' وغيره اهم آهن. سنڌ جي جاگرافيءَ تي گهڻا ڪتاب محمد يوسف بادل خان بخشاڻيءَ لکيا. هو عليگڙه يونيورسٽيءَ مان پڙهيل هو ۽ خيرپور رياست تعلق رکندڙ هو. هو تعليم کاتي مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو هو. سندس ڪتابن ۾ 'جاگرافي ايشيا ۽ يورپ' (1898)، 'بمبئي کاتي جي جاگرافي' (1896)، 'سنڌ جي مختصر جاگرافي' (1894)، 'سنڌ جي سهنجي مختصر جاگرافي' (1894) ۽ 'جاگرافي سنڌ' (1902) وغيره اهم آهن.

**شيخ عبدالحق :** جاگرافيءَ جي مضمون تي رٽائرڊ ائڊمنسٽريٽو آفيسر اسڪول بورڊ ڪراچيءَ جو شيخ عبدالحق پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "ايشيا کنڊ جي جنرل جاگرافي" (1888)، 'سنڌ جي نئين جاگرافي' (1918) ۽ 'سنڌ جي سليس جاگرافي' (1927) وغيره اهم آهن. جڏهن ته ٻين ڪتابن ۾ محمد رمضان آخوند جو 'سنڌ جو مختصر نروار' (1876)، ٻولچند ڪوڙيمل جو سنڌ جو ڌرتي نروار (1893)، فقير محمد جو سنڌ جي مختصر جاگرافي (1898) ۽ شيوا رام لاهوري مل جو 'سولي ۽ مختصر جاگرافي' (1935) وغيره اهم ڪتاب آهن. انگريزن جي دور ۾ جتي سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪتاب سنڌي زبان ۾ شايع ٿيا، اتي ٻيا ڪيترائي ڪتاب سنڌ جي ضلعن ۽ تعلقن جي جاگرافي بابت لکيا ويا. انهن سڀني ڪتابن کي پهرين ڪلاس کان پنجين درجي جي شاگردن جي تعليم ۽ سکيا خاطر مقامي استادن لکيو هو. اهي ڪتابڙا هئا. هتي اهڙن ڪجهه ڪتابن جي مختصر فهرست ڏجي ٿي:

(1) حيدرآباد ضلعي جي جاگرافي (1902) ڏيومل ڪلاچند، (2) سکر تعلقي جي جاگرافي (1904) نواز علي شاهه، (3) حيدرآباد ضلعي جي مختصر جاگرافي (1912) ڏيومل ڪلاچند، (4) خيرپور تعلقي جي جاگرافي (1912) شاهه صاحب ماستر، (5) رياست تعلقي جي جاگرافي (1912) شاهه صاحب ماستر، (6) سڌريل سکر تعلقي جي جاگرافي (1912) قاضي غلام مصطفيٰ، (7) فيض گنج تعلقي جي جاگرافي ((1912) شاهه صاحب خيرپور ماستر، (8) گمبٽ تعلقي جي جاگرافي ((1912) شاهه

صاحب خيرپور ماستر، (9) ميرواهہ تعلقي جي جاگرافي ((1912) شاهہ صاحب خيرپور ماستر، (10) نئين سڏريل سکر ضلعي جي جاگرافي (1912) الهڏنو شاهہ ، (11) جاگرافي تعلقي شڪارپور ۽ ضلعي سکر جي (1913) ننديرام تلسيداس، (12) تعلقي وارهہ سنڌ جي جاگرافي (1920) ديوان بولچند، (13) سڏريل سکر تعلقي جي جاگرافي (1921) سيد پنجل شاهہ (14) سڏريل سکر تعلقي جي جاگرافي (1921) روچلداس، (15) نئين سڏريل شڪارپور تعلقي جي جاگرافي (1921) ٽڏا سنگ، (16) جاگرافي شڪارپور تعلقو ۽ سکر ضلعو (1924) نيو ندرام، (17) ائٽلس جاگرافي ضلعو سکر (1926) جي-جي شوداساڻي، (18) ائٽلس جاگرافي ضلعو سکر (1926) جڳتراءِ ۽ عبدالقادر، (19) ائٽلس جاگرافي ضلعو ڪراچي (1926) جڳتراءِ ۽ ڏرمداس نارومل، (20) جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو (1926) چوهڙ مل ۽ تولارام، (21) ائٽلس جاگرافي ضلعو نوابشاهہ (1927) ڪرمچند ليلارام ۽ جڳتراءِ، (22) جاگرافي تعلقو گمبٽ (1927) ماستر ٿانور داس، (23) ائٽلس جاگرافي ضلعو لاڙڪاڻو (1926) چيلارام موهنداس ۽ (24) ائٽلس جاگرافي ضلعو نوابشاهہ (1926) آسورام مولراءِ ۽ تولارام.

**نامور سنڌي جاگرافيدان ڊاڪٽر مانيڪ (ماٽڪ) پٿاوالا:** انگريز دور ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي مڪمل طور جاگرافيدان سڏجي تہ اها هڪ ئي شخصيت ڊاڪٽر ماٽڪ بينرجي پٿاوالا هو. بنيادي طور هيءُ پارسي هو ۽ ڪراچيءَ جي مختلف تعليمي ادارن سان لاڳاپيل هو. هن سنڌ جي جاگرافيءَ تي 'A Geographical Analysis of the lower Indus Basin ( Climatic conditions in Sindh' عنوان هيٺ پي ايچ ڊي ڪئي. هن سنڌ جي جاگرافيءَ جي مختلف پهلوئن تي 50 کان مٿي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. ڪراچي ۾ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو قيام آندائين، ان پليٽ فارم تان جاگرافيڪل جرنل بہ شايع ڪندو هو. مجموعي طور اِهو دور سنڌي جاگرافيءَ جي لحاظ کان بهترين دور هو. جاگرافيءَ جي مضمون سان ڪيس عشق هو ۽ جاگرافي ۾ سندس تحقيق جو محور ”سنڌ“ هئي.

جڏهن تہ هن سڄي هندستان جي مختلف علائقن جي جاگرافيءَ تي بہ ڪم ڪيو هو“.(21) جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ گهٽي ۾ گهٽا مضمون هن جا هوندا هئا, سندس ڪتابن جو تعداد 50 ڪان بہ مٿي آهي, جڏهن تہ سندس تحقيقي مقالن جي تعداد جو اندازو نہ ٿو ڪري سگهجي. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. سندس ڪتابن ۽ مقالن مان ڪجهہ جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

1. A Geographical Analysis of Khairpur State — A Post Barrage Investigation
2. An Introduction to Pakistan its Resources and Personalities
3. Geography and Culture with example of Sindh
4. Greater Karachi
5. Historical Geography of Sindh
6. New Site for Pakistan Capital
7. Survey of Dominion's Mineral Resources
8. Physiographic Division of India , Burma and Ceylon
9. A Geographical Analysis of the Lower Indus Basin (Sindh) Climatic Conditions in Sindh
10. Settlement in the Lower Indus Basin (Sindh)
11. An Introduction to Kashmir : Its Geography and Geology
12. A Physical and Economic Geography of Sindh
13. Identification and Description of some old Sites in Sindh and their relations with the Physical Geography of the Region
14. Sacred Spark
15. Rock Record of Darious the Great
16. Historical maps of Sindh (22).

**1947ع ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو علم:** ورهاڱي ڪانپوءِ پوري ملڪ ۾ جديد تعليم جو ڦهلاءُ شروع ٿيو. وڏن وڏن شهرن ۾ يونيورسٽيون قائم ٿيون, جن ۾ جاگرافيءَ جا نوان شعبا قائم ٿيا. موجوده وقت ۾ سنڌ يونيورسٽي, ڄامشورو, ڪراچي يونيورسٽي, وفاقي اردو يونيورسٽي, ڪراچي, شاهہ عبد اللطيف يونيورسٽي, خيرپور, ۽ ٻين ڪيترن ئي خانگي يونيورسٽين ۾ جاگرافيءَ جا شعبا قائم آهن. جاگرافيءَ جي مضمون جي اهميت اسڪولن ڪان وٺي ڪاليجن تائين پهتي. ٿيڻ ائين گهربو هو تہ, سنڌ ۾ جاگرافي جي مضمون تي خاص ڌيان ڏيئي, ان شعبي کي وڌيڪ ترقي

ڏيارجي ها ۽ سنڌيءَ ۾ جاگرافيءَ تي وڏيڪ تحقيق ٿئي ها. جنهن سان ڪاليج سطح کان يونيورسٽي سطح جا استاد جاگرافيءَ جا ڄاڻو پيدا ٿي سگهيا ٿي، پر ائين نہ ٿيو. سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ جاگرافيءَ جو مضمون پڙهايو وڃي ٿو پر جاگرافيءَ جي شعبي ڪا ترقي ڪانہ ڪئي. ۽ 1947ع کان پوءِ اڄ 2020ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافيءَ جو ڪو بہ معياري ڪتاب شايع ٿيل نظر نہ ٿو اچي.. ڪجھ انگريزي ڪتاب ۽ ڪي انگريزيءَ مان ترجمن جي صورت ۾ ضرور شايع ٿيا آهن. جاگرافيءَ جا اڪثر پروفيسر صاحب، پنهنجي پر ۾ پي.ايڇ.ڊيءَ جون ڊگريون تہ حاصل ڪريو ويٺا آهن، پر سنڌ جي جاگرافيءَ تي جديد انداز سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. افسوس جي حد اها بہ آهي تہ يونيورسٽين جي اڪثر سيمينار لائبريرين ۾، انگريز دور ۾ لکيل سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪي خاص ڪتاب بہ موجود نہ آهن.

1947ع کان پوءِ جاگرافيءَ جي مضمون تي ٿورو گهڻو ڪم ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيو آهي، جتي جي استادن ۽ شاگردن جي جوڙيل ”جاگرافر ايسوسيئشن“ قائم هئي، جيڪا گهڻو فعال رهي نہ سگهي. سيد ظفر حسن، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي سال جاگرافي شعبي جو چيئرمين رهيو. هو انتهائي اصول پرست شخص هو. ان کان علاوه ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ پبلشر بہ هو. جيستائين ادبي دنيا ۾ داخل نہ ٿيو هو، تيستائين ’جاگرافي‘ نالي هڪ ننڍو مخزن بہ ڪڍندو هو ۽ جاگرافيءَ تي ڪي مضمون بہ لکيا. سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافيءَ شعبي جي پروفيسر رفيق احمد ڏناٽي بہ سنڌ جي ڳوناٽي گهرن بابت ۽ مقالا لکيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪجھ جهونن پروفيسرن جا بہ ڪي مضمون نظر اچن ٿا.

آزاديءَ کانپوءِ بہ ماڻڪ پٿاوالا جا جاگرافيءَ تي معياري ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ٿيا آهن، جن ۾ (1) Physical and Economic Geography of Sindh (2) Historical Geography of Sindh

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي جاگرافي شعبي جي پروفيسر مشتاق الرحمان جو ’دي جاگرافر ايسوسيئيشن‘ پاران 1975ع ۾ A Geography of Sindh Province Pakistan شايع ٿيو جيڪو انتهائي معياري ڪتاب آهي. بهرحال، جديد دور ۾ ڪو بہ سنڌ جو ماهر جاگرافيدان طور اڀري نہ سگهيو آهي، جنهن کي الڳ حيثيت ۾ پيش ڪري

سگهجي. سنڌ جي نامياري مترجم عطا محمد ڀنڀري (مرحوم) ڪيترن ئي انگريزي ڪتابن جا ترجما ڪيا، جن ۾ جاگرافيءَ جا باب پڻ شامل آهن. انهن ۾ سر اليگزينڊر ڪننگھم جي ڪتاب جو ترجمو ’هند ۽ سنڌ جي جاگرافي‘ تمام اهم ترجمو آهي. سر اليگزينڊر ڪننگھم، سنڌ ۽ هند جي جاگرافيءَ کي ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. هر هڪ ڀاڱي کي ان وقت جي مذهب ۽ حڪومت جي نالي پنيان سڏيو ويو آهي. جيڪو برهمڻ، ٻڌ ۽ مسلمان دورن تي مشتمل آهي. برهمڻ دور کي ان وقت کان شروع ڪيو ويو آهي جڏهن آريا اتر هندستان تي چاڙهي ويا ۽ پھريون پيرو پنجاب جي ڌرتيءَ تي والار ڪئي هئي. سنڌي ادبي بورڊ پاران ايڇ.ٽي. لئمبرڪ جا سنڌ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب شايع ٿيا ۽ انهن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجما به شايع ڪيا آهن. انهن ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ تي الڳ باب ڏنل آهن. ان کان علاوه، سنڌ جو نالي وارو محقق ۽ مورخ ايم.ايڇ. پنهور ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا انگريزيءَ ۾ لکيا، جن ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪم تي مواد شامل آهي. پنهور صاحب جي خواهش هئي ته سنڌ ۾ ’جاگرافيڪل سوسائٽيءَ‘ کي ٻيهر فعال ڪجي.

**جاگرافيءَ جا درسي ڪتاب:** آزاديءَ کان پوءِ جيڪي به جاگرافيءَ جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيا آهن، اهي گھڻو ڪري اسڪولي ڪورس جي لاءِ لکيا ويا آهن. اهي ڪتابڙا اڪثر پرائمري اسڪولن جي شاگردن لاءِ لکيل آهن. انهن مان گھڻا تعلقي ۽ ضلعي جي جاگرافيءَ بابت آهن. هن قسم جا ڪتاب گھڻو ڪري 1947ع کان 1980ع تائين باقاعده شايع ٿيندا رهيا، پر پوءِ آهستي آهستي، پرائمري اسڪولن ۾ جاگرافي جي مضمون کي نيڪالي ڏني وئي. بعد ۾ سماجي اڀياس ۾ جاگرافيءَ جا ڪجھ باب ڏئي الڳ مضمون واري حيثيت ختم ڪئي وئي.

**صوبائي ۽ ملڪي سطح جي جاگرافيءَ جا نصابي ڪتاب:** 1947 کان پوءِ جاگرافيءَ جي سلسلي ۾ هڪ نالو رسول بخش آخوند (1897_1952) جو نالو اچي ٿو جنهن جو تعلق شڪارپور سان هو ۽ تعليم کاتي سان لاڳاپيل هو. جاگرافيءَ تي لکيل سندس ڪتابن ۾ ’نيو ماڊل ايزي جاگرافي‘ مختلف ڪلاس لاءِ (1951) ۽ ’جاگرافي پاڪستان‘ (1955) اهم آهن. رحيم بخش ميمڻ جو ترجمو ٿيل ’جاگرافي‘ (1962) به جامع ۽ معياري ڪتاب آهي. جڏهن ته عام جاگرافي ۽ دنيا جي جاگرافيءَ تي جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، انهن ۾ اجمل بيگ مرزا جا ’نئين ائٽلس جاگرافي‘ (1958) ۽ ’دنيا

جي نئين جاگرافي‘، محمد يوسف جا ’دنيا جي نئين جاگرافي‘ (1954) ۽ ’رنگين جاگرافي پاڪستان‘ (1958)، الله بخش ٽالپر جو ’جاگرافي‘ (1956)، پروفيسر ايم ايم ميمڻ جو ’جاگرافي ۽ رٿابندي‘ (1972)، رحيم بخش رياستيءَ جو ’جاگرافي‘ (1962)، مقبول حسين موسويءَ جا ’دنيا جي جاگرافي‘ (1961) ۽ ’دنيا جا قدرتي ڀاڱا‘ (1960)، محمد علي علويءَ جو ’تجار تي جاگرافي‘ (1972)، ناميار تعليمدان محمد اسماعيل عرسائيءَ جو ’جاگرافي دنيا‘ (1963) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. ٻين ڪتابن ۾ ڄڳتراءِ ايسرداس جو ’ائٽلس جاگرافي سنڌ‘ (1947)، محمد صديق ميمڻ جو ’سنڌ جي جاگرافي‘ (1956) ۽ محمد عالم عباسيءَ جو ’سنڌ جي سولي جاگرافي‘ (1953) وغيره اهم آهن.

**ضلعي ۽ تعلقي وار جاگرافيءَ جا ڪتاب:** سنڌ جي مختلف ضلعن ۽ تعلقن تي ٻه ڳچ سارا ڪتاب لکيا ويا، جيڪي پرائمري سطح جا آهن ۽ معزز جهونن استادن جا لکيل آهن. انهن ڪتابڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هتي ڪجھ ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا:

**ضلعو ڪراچي:** ’جاگرافي ضلعو خيرپور‘ (الهداد ۽ محمد بخش 1968)، ڪراچيءَ جي نئين جاگرافي (اي جي بشير احمد 1961)

**ضلعو ٺٽو:** جاگرافي ضلعو ٺٽو (حاجي محمد طالب ميمڻ 1968)، ائٽلس جاگرافي ضلعو ٺٽو (حاجي عبدالله پليجو)

جاگرافي ضلع ٺٽو، حاجي محمد طالب ميمڻ ۽ محمد قاسم ميمڻ، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، دفعو پهريون 1968ع.

ائٽلس جاگرافي تعلقو ٺٽو (نقشن ۽ تصويرن سان) محمد عرس صوفي جهمپير، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، دفعو ٽيون 1964ع.

**ضلعو حيدرآباد:**

جاگرافي ضلعو حيدرآباد، محمد اسماعيل عرسائي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ٻيو ڀيرو 1961ع.

نئين جاگرافي ضلعو حيدرآباد، سيد محمد صالح شاھ عجائب اسٽور، سکر، ايڊيشن پهريون 1968ع.

جاگرافي تعلقو حيدرآباد، جان محمد علي بخش قريشي، اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هالا، سب ڊويزن حيدرآباد پاڪ، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو چوٿون 58-1957ع، ۽ دفعو يارهون سال 1970ع.

رفيق رنگين جاگرافي تعلقو حيدرآباد، محمد اسماعيل بن واصف، رفيق ڪتاب گهر، شاهي بازار حيدرآباد، دفعو پهريون 1968ع.

**ضلعو ٽنڊو الهيار:**

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊوالهيار، گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، دفعو پهريون 1950ع.

جاگرافي تعلقو ٽنڊوالهيار، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهر، دفعو پهريون 1967ع.

**ضلعو ٽنڊو محمد خان:**

نئين جاگرافي تعلقو ٽنڊو محمد خان، هدايت علي باريجو شعيب ڪتاب گهر، چوڪي گهٽي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 81-1980ع.

جاگرافي تعلقو (گوني) ٽنڊو محمد خان، عبدالرسول شيخ ٽڪڙائي، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد، (سال لکيل ناهي).

**ضلعو مٽياري:**

جاگرافي تعلقو هالا (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو 1969ع.

جاگرافي تعلقو هالا، بي اي "عزيز" اديب فاضل، ميمڻ بڪ اسٽور، ڪڪا جامع مسجد هالا نوان 1976ع.

**ضلعو دادو:**

ائٽلس جاگرافي ضلعو دادو (جان محمد قريشي 1951).

دادو ضلعو جاگرافي ۽ تاريخ جي آئيني ۾ (ڀاڱو 2) تاج محمد صحرائي، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، قاضي پاڙو حيدرآباد 1992ع.

جاگرافي ضلعو دادو، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ، حيدرآباد 1961ع.

جاگرافي ضلعو دادو، احمد خان آصف ۽ پير علي محمد اظهر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 1968

سولي جاگرافي تعلقو دادو، حافظ محمد احسن، ناشر: آدم جي ابا سومار، مالڪ غازي اسلام ڪتب خانو شاهي بازار، دادو، دفعو ٽيون 1965ع.

نئين ائٽليس جاگرافي تعلقو دادو (مصنف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1965ع.

اٽلس جاگرافي تعلقو ميهڙ، محمد صديق محمد صالح چنا، هيڊ ماستر اسڪول، ڪولي ڪوڪر، ميهڙ ۽ ساڪن سنڌي ٻتڙا تعلقو: ڪڪڙ، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻهريون 1955ع.

جاگرافي تعلقو ميهڙ (مؤلف لکيل ناهي). آر.ايڇ احمد، حيدرآباد (سال لکيل ناهي).

**ضلعو ڄامشورو:**

سولي جاگرافي تعلقو سيوهڻ، حافظ محمد احسن چنا، غازي اسلام ڪتب خانو شاهي بازار، دادو، دفعو ٻيو 1964ع.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو سيوهڻ (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد، حيدرآباد (سال لکيل ناهي)

امين جاگرافي تعلقو ڪوٽڙي، محمد قاسم هيڊ ماستر پرائمري اسڪول نانگو لائين، ڪوٽڙي، امين ڪتاب گهر، حيدرآباد، دفعو ٻهريون 1968ع.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ڪوٽڙي، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو 1967ع.

**ضلعو سانگهڙ:**

جاگرافي ضلعو سانگهڙ، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ٻهريون ڇاپو 1961ع ٻيو: 1968ع ۽ پنجون 1966ع.

رهبر سماجي اڀياس، جاگرافي ضلع سانگهڙ، هدايت علي ناريجو شعيب ڪتاب گهر، حيدرآباد 81-1980ع.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو سانگهڙ ۽ کپرو، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو ٻيو: 1967ع.

آسان جاگرافي تعلقو کپرو، الف. ع شيخ، مهراڻ بڪ ڊيپو شاهي بازار کپرو (سال لکيل ناهي).

جاگرافي تعلقو کپرو، عبدالرسول شيخ، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد، ڇاپو چوٿون (سال لکيل ناهي).

جاگرافي تعلقو شهداد پور، جان محمد علي بخش قريشي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، 1950ع.

جاگرافي تعلقو شهدادپور، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهر، حيدرآباد 1966ع.

جاگرافي تعلقو شهداد پور (مؤلف لکيل ناهي) محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد 1965ع. نئين جاگرافي تعلقو سنجهورو، سومرو "حسام" ٻنوي، امين پيپر مارٽ، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1966ع. جاگرافي تعلقو سنجهورو، آر.ايڇ ميمڻ، آر.ايڇ احمد ، حيدرآباد، دفعو پهريون 1967ع.

**ضلعو بدين:**

اٽلس جاگرافي تعلقو بدين (1962)، محمد صديق "مسافر"

جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو (1962)، محمد صديق "مسافر"

نئين داس ۽ سک جاگرافي (1956) ، محمد صديق "مسافر"

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو بدين، محمد صديق گلاب خان مسافر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 52_1953ع.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو بدين، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، 1967ع.

جاگرافي تعلقو بدين، مولوي عبدالله جوڻيجو، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد دفعو ٻيو 1968ع.

اٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو محمد صديق گلاب خان مسافر، آر.ايڇ احمد حيدرآباد 52_1953ع.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد (مؤلف ۽ سال لکيل ناهي)

جاگرافي تعلقو ماتلي، حاجي جان محمد قريشي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد دفعو ٻيو 1967ع.

نئين جاگرافي تعلقو ماتلي (محمد اسماعيل بن واصف)

جاگرافي تعلقو ڏيرو محبت (ڪنهن وقت تعلقي ماتلي کي تعلقو ڏيرو محبت چوندا هئا) ماستر سڪندر علي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد دفعو پهريون 1955ع.

**ضلعو ميرپورخاص:**

جاگرافي تعلقو ميرپورخاص، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهر، حيدرآباد 1966ع.

جاگرافي تعلقو ميرپورخاص ۽ سامارو، ماستر گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو پهريون 55-1956ع، دفعو ٻيو 61_1960، وري 1967ع.

جاگرافي تعلقو ڊگهڙي ۽ جيمس آباد. گل محمد آزاد صوفي. آر.ايڇ احمد. حيدرآباد. دفعو ٻيو 54_1955ع.

جاگرافي تعلقو ڊگهڙي ۽ جيمس آباد. محمد اسماعيل بن واصف. امين ڪتاب گهرحيدرآباد. دفعو پهريون 1966ع ۽ رفيق ڪتاب گهر حيدرآباد. 1968ع. رفيق نيئن جاگرافي تعلقو جيمس آباد ۽ ڊگهڙي جي نالي سان.

نئين جاگرافي تعلقو ڊگهڙي ۽ جيمس آباد. هدايت علي باريچو شعيب ڪتاب گهر. حيدرآباد. ڇاپو پهريون 81_1980ع.

**ضلعو ٿرپارڪر:**

ناميارې تعليمدان محمد اسماعيل عرساڻيءَ جاگرافي ضلعو ٿرپارڪر (1972). جاگرافي ضلعو سانگهڙ (1968) ۽ نئين جاگرافي ٿر پارڪر (1965) لکيا.

جاگرافي ضلع ٿرپارڪر. جان محمد علي بخش قريشي. آر.ايڇ احمد. حيدرآباد. دفعو ٽيون 58_1959ع.

جاگرافي ضلعو ٿرپارڪر. محمد اسماعيل عرساڻي. آر.ايڇ احمد. حيدرآباد. دفعو پهريون 1961ع.

جاگرافي ضلع ٿرپارڪر (مؤلف لکيل ناهي) مسلم بڪ ڊيپو سکر. دفعو پهريون 1968ع.

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو ننگرپارڪر. ايم موهن لال سروپچند گرڙو صاحب پاڪستان. پرائمري ماسٽر اسڪولس ان ٿرپارڪر. آر.ايڇ احمد. حيدرآباد. دفعو ٻيو 1963ع. دفعو ٽيون 1966ع.

ائٽلس جاگرافي تعلقو ڏيپلو ۽ مٺي. گل محمد آزاد صوفي. آر.ايڇ احمد حيدرآباد. (سال لکيل ناهي)

جاگرافي تعلقو مٺي ۽ ڏيپلو اي نور محمد شيخ ٽڪڙائي. محمد يوسف اينڊ برادرس. شاهي بازار. حيدرآباد. دفعو ٽيون 69_1968ع. وري 70-1969ع.

جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ ((گل محمد آزاد صوفي 1960))

سولي جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ. محمد موسي ڪمال خان انڙ. ساجن ڳوٺ بهادر انڙ. اسسٽنٽ ڊپٽي انسپيڪٽر فار گرلس اسڪولس. ٿرپارڪر. آر.ايڇ احمد. حيدرآباد 57_1956ع.

جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ ۽ ڇاڇرو. ماسٽر گل محمد آزاد صوفي. آر.ايڇ احمد حيدرآباد

(سال لکيل ناهي).

**ضلعو بينظير آباد اڳوڻو نوابشاهہ:**

جاگرافي ضلعو نوابشاهہ محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايچ احمد، حيدرآباد، پهريون ڀيرو 1961ع.

جاگرافي ضلعو نوابشاهہ جميل احمد ميمڻ، پاران: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد، ڇپائيندڙ: ڪتاب ايجنسي، حيدرآباد، دفعو پهريون 1972ع.

سولي جاگرافي ضلع نوابشاهہ ظفر عباسي، روپچند جنرل اسٽور ۽ بڪ سليرز، چمن بازار ڪنديارو ضلع نوابشاهہ (سال لکيل ناهي).

نئين ائٽليس جاگرافي تعلقو نوابشاهہ ح ـ ر ميمڻ، آر.ايچ احمد، حيدرآباد، 1967ع.

جاگرافي تعلقو نوابشاهہ بي اي عزيز ڀٽي، اديب فاضل، ڪمال بڪ ڊيپو، نواب شاهہ، دفعو پهريون 1980ع.

ائٽليس جاگرافي تعلقو سڪرنڊ (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايچ احمد حيدرآباد (سال لکيل ناهي).

نئين ائٽلس جاگرافي ضلعو نوابشاهہ (گل محمد آزاد صوفي 1960)

**ضلعو خيرپور ميرس:**

جاگرافي ضلعو خيرپور غلام مصطفيٰ شاهہ (1963)

جاگرافي ضلعو خيرپور، عبدالله ايم سومرو، آر.ايچ احمد، حيدرآباد 1961ع.

جاگرافي تعلقو خيرپور، حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 88ـ 1987ع.

جاگرافي تعلقو ڪوٽڏيجي، حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 86ـ1985ع.

جاگرافي تعلقه گمبٽ، حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 82ـ 1981ع.

جاگرافي تعلقو ميرواهہ حاجي غلام حسين ميمڻ، ماسٽر جي بڪ اسٽال، خيرپور 83ـ 1982ع.

**ضلعو نوشهروفيروز:**

نئين ائٽلس جاگرافي تعلقو نوشهروفيروز (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايچ احمد، حيدرآباد 52ـ1953ع.

نئين جاگرافي تعلقو نوشهروفيروز بي اي "عزيز" اديب فاضل، ميمڻ بڪ اسٽور، نوشهروفيروز.

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو ماستر عبدالخالق، رٽائرڊ ماستر، چاچڪ، تعلقو ڪنڊيارو آر.ايچ احمد، حيدرآباد 1963-1969 ع.

نئين جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو (مؤلف لکيل ناهي) قائم دائم ڪتبخانو ڪنڊيارو (سال لکيل ناهي).

ساهتي سماجي اڀياس يا جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو سکيو خان چنا، نظر ثاني: استاد گل محمد وگهيو روپ چند بڪ اسٽور، ڪنڊيارو. سال لکيل ناهي)

نئين اٽلس جاگرافي تعلقو مورو صوفي گل محمد آزاد، آر.ايچ احمد، حيدرآباد، دفعو پهريون: 1967 ع.

رفيق رنگين جاگرافي تعلقو مورو محمد اسماعيل بن واصف، رفيق ڪتاب گهر، شاهي بازار، حيدرآباد: 1968 ع.

## ضلعو سکر:

ضلعي سکر جي جاگرافي، محمد علي مهر 1964 ع

اٽلس جاگرافي سکر ضلع، محمد داؤد مهر، سپروائزر ڊسٽرڪٽ سڪول بورڊ، سکر، چوٿرام خوشيرام ونائي سپروائزر ڊسٽرڪٽ سڪول بورڊ، سکر ۽ هرچند سنگهه جي پرسوائي، ٽنڊا سنگهه بڪ سيلرز، شڪارپور 1932 ع.

جاگرافي سکر. عباسي محمد عالم، مسلم بلڪ ڊيپو دفعو ٻيو 52-1953 ۽ دفعو چوٿون 1955 ع.

جاگرافي ضلعو سکر، محمد علي مهر، آر.ايچ احمد، حيدرآباد مخلتف ڇاپا: 1962 ع۔ 1961 ع ۽ 1963 ع. جاگرافي تعلقو روهڙي (مؤلف لکيل ناهي) عجائب اسٽور سکر 1974 ع.

جاگرافي تعلقو پنو عاقل، الهڏنو خان شيخ، عباسي محمد عالم ۽ محمد حسن مشتاق انيڊز ، مسلم بڪ ڊپو سکر، ڇاپو ٽيون (سال لکيل ناهي)

## ضلعو لاڙڪاڻو:

جاگرافي ضلع لاڙڪاڻو مگريو غلام حسين اسسٽنٽ ماستر گورنمينٽ مين اسڪول سکر، آر.ايچ احمد، حيدرآباد (پاڪستان ايڊيشن: 56_1956 ع)

نئين جاگرافي تعلقو لاڙڪاڻو بي اي عزيز اديب فاضل، ماڊرن بوڪ ڊيپو لاڙڪاڻو 1975 ع.

جاگرافي ضلعو لاڙڪاڻو غلام مصطفيٰ شاهه (1963) ۽ (1962) **لکيا"**.

**ضلعو قنبر- شهدادڪوٽ ايٽ قنبر:**

سولي جاگرافي تعلقو شهدادڪوٽ، قربان علي نقشبندي، دفعو چوٿون (پاڪستان ايڊيشن) 63-1962ع، ڇپائيندڙ: نور محمد، محمد عثمان، ڪاٺياواڙ بڪ سٽور، بندر روڊ، لاڙڪاڻو.

**ضلعو شڪارپور:** جاگرافي تعلقو شڪارپور (حبيب الله ڀٽو) وغيره اهم آهن.

جاگرافي تعلقو شڪارپور. ماستر نور احمد نور، مسلم بوڪ ڊيپو سکر، دفعو ٻيو 55-1956ع.

**ضلعو جيڪب آباد:** 'جاگرافي ضلع جيڪب آباد'، محمد صالح شاهه آر.ايڇ احمد حيدرآباد، 1962ع، 1968ع، ۽ مسلم بوڪ ڊپو سکر 1964ع ۽ 1966ع.

**'سنڌ جي لساني جاگرافي'** نامور اسڪالر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري 1979ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي لهجن، ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ، ڪڇ ۽ سنڌ جي سياسي سماجي ناتن، ڪڇي لهجي، جهونا ڳڙهه، راجستان، ڪاٺياواڙ، گجرات،بلوچستان ۽ مڪران ۾ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ۽ سرائيڪيءَ جي سنٻنڌ، سرائيڪي زبان جي بڻ بنياد ۽ سرائيڪي خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ وغيره تي تحقيقي مضمون شامل ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر عمر چنڊ جو ڪتاب 'لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون' 1979ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر عمر چنڊ، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ' تي هڪ جامع تنقيدي نظر وڌي آهي. ٻولي جي جاگرافيءَ بابت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب 'ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا' به آهي. جيتوڻيڪ هي ڪتاب لسانيات جي موضوع تي لکيل آهي، پر هن ڪتاب ۾ شامل مواد مان پتو پئي ٿو ته هيءَ ڪتاب ٿر جي مڪمل جاگرافي، تاريخ، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي سمورن لهجن کي نروار ڪري ٿو. هن ۾ نه رُڳو ٿر جون حدون ڏنيون ويون آهن، پر هن ۾ ٿر جي لوڪ شاعري، لوڪ داستان، ڍاٽڪي، مارواڙي، گجراتي، پارڪري، سامروٽي لهجن ۾ تخليق ٿيل ادب جو به نمونو ڏنو ويو آهي .هيءَ ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2014ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ٿيل ’سنڌيءَ ۾ جاگرافيءَ جي لغت‘ جنهن کي ناليواري ليکڪ رضوان گل ڪافي محنت سان تيار ڪيو آهي. هن لغت ۾ جاگرافيءَ سان سلهاڙيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ انهن لفظن جي ضروري وضاحت پڻ ڏني وئي آهي. اڪثر لفظن جي معنيٰ لاءِ هڪ ڪان وڌيڪ لفظن ۾ وضاحت پڻ ڪيل آهي جنهن ۾ ان ڏکي لفظ بابت تفصيلي ڄاڻ ملي ٿي.

**نتيجو:** مٿي ڄاڻايل سموري مواد کي جانچڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ 1947ع کان پوءِ سنڌ ۾ جاگرافيءَ جي مضمون جي حوصلہ افزائي نہ ٿي آهي، جو تہ ماضيءَ جيان محنتي استاد نہ رهيا آهن. جيڪي اسڪولن ۾ جاگرافي پڙهائيندا هئا ۽ ڪتاب لکندا هئا. مٿي ذڪر ڪيل چوپڙي نما جاگرافيءَ جا ڪتاب صرف پهرين درجي کان ٽئين درجي ڪورس تي رکيل هوندا هئا. جن ۾ خاص طور تي مختلف تعلقن جي ڪٺل معلومات شامل هوندي هئي، پر افسوس تہ اهي چوپڙي نما ڪتاب بہ هاڻي ناپيد ٿي چڪا آهن. ڪاليج سطح تي تمام گهٽ شاگرد هيءُ مضمون کڻندا آهن. ساڳي طرح يونيورسٽي سطح تي تمام گهٽ شاگرد هن مضمون ۾ داخلا وٺن ٿا. سنڌ جي جاگرافيءَ جي حساب سان ڪنهن بہ جاءِ تي ڪورس ئي رکيل نہ آهي. اسڪولي سطح تي صرف سماجي اڀياس جي مضمون ۾ هڪ يا بہ باب جاگرافيءَ جا ضرور هوندا آهن، جن ۾ بہ سنڌ جي جاگرافي انتهائي مختصر نموني شامل هوندي آهي. يونيورسٽين جا اڪثر پروفيسر سنڌ جي جاگرافيءَ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن، ان ڏس ۾ نئين تحقيق بہ نہ پئي ٿي ۽ نوان ڪتاب، مضمون ۽ مقالا نہ پيا لکجن. بهرحال، اها ذميواري يونيورسٽين جي استادن جي آهي تہ اهي هن شعبي ۾ وڌيڪ محنت ڪن ۽ انگريزي ۽ سنڌي ۾ سٺا ۽ معياري ڪتاب لکن، جيڪي صرف تعليمي گهرجن تائين محدود نہ هجن، پر عام پڙهندڙن لاءِ معلوماتي ۽ حوالي طور بہ ڪم اچن. سرڪاري ادارا بہ جاگرافيءَ جي مضمون کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي نہ تہ سنڌ جي جاگرافيءَ تي انتهائي اهم ڪم ٿي سگهي ٿو.

گذريل ڪيترن ئي سالن کان سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جو ڪو بہ ڪتاب شايع نہ ٿيو آهي، جڏهن تہ فقط بہ يا ٽي ڪتاب انگريزيءَ ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ شايع ٿيا هوندا. يونيورسٽين جي سيمينار لائبريرين ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪتاب موجود نہ آهن. اهو ئي سبب آهي جو 1947ع کان پوءِ سنڌ ۾ ڪنهن بہ معزز پروفيسر

سنڌ جي جاگرافيءَ تي سنڌي زبان ۾ خاص طور، ڪو به ڪتاب نہ لکيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جاگرافي جي علم جي نشونما، جيڪا انگريزن جي دور ۾ ٿي هئي، اها رڪجي وئي آهي. جاگرافيءَ جا نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح جڙڻ ختم ٿي ويا آهن. سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ڪاليج جي پروفيسرن کي هن طرف ترت قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو قيام آندو وڃي، جنهن ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ مقالا پڙهيا وڃن ۽ سوسائٽيءَ جي پليٽ فارم تان اهي مقالا جرنل ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. ان کان علاوه، سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري ادارا، جن ۾ سنڌالاجي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ ريسرچ هيريٽيج انسٽيوٽ، ايم .ايچ پنهور چيئر وغيره کي سنڌ جي جاگرافي سميت مختلف سائنسي مضمونن تي ڪم ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي اسڪولن ۾ پرائمري سطح تي پهرين درجي کان پنجين درجي تائين تعلقي ۽ ضلعي سطح تائين، سيڪنڊري اسڪولن ۾ ميٽرڪ تائين ضلعي ۽ ڊويزن سطح تائين سنڌ جي جاگرافيءَ جي مضمون کي باقاعده ڪورس ۾ شامل هئڻ گهرجي. ڪاليج جي سطح تي جاگرافيءَ جي مضمون کي صوبائي ، ملڪي ۽ بين القوامي سطح تائين لازمي طور شامل هئڻ گهرجي. يونيورسٽي سطح تي جاگرافي جي شعبي کي وڏيڪ فعال ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، اتي ڪم ڪندڙ پروفيسرن لاءِ سنڌ جي جاگرافيءَ تي تحقيق جو ڪم لازم رکيو وڃي. ان طرح سان جاگرافيءَ جو علم وڌيڪ طرقي ڪندو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اهم واڌارو ٿيندو.

## حوالا


1. برٽن، رچرڊ: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون“. (ترجمو محمد حنيف صديقي) سنڌي ادبي بورڊ 1976، ص 45
2. ساڳيو حوالو ص 46
3. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ،(جلد نائون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2014، ص 23
4. ساڳيو حوالو ص23
5. ساڳيو حوالو ص23
6. ساڳيو حوالو ص23
7. ساڳيو حوالو ص23
8. ساڳيو حوالو ص24
9. ساڳيو حوالو ص24

10. ساڳيو حوالو ص24
11. ساڳيو حوالو ص24
12. ساڳيو حوالو ص24
13. رام امر لال: 'سنڌ رگ ويد کان شيخ اياز تائين'، مارئي، اڪيڊمي سڪرنڊ، 2002ع، ص 53
14. گيهاڻي، موهن: 'سنڌ جي تواريخ' جهلڪون، سورٺ پبلڪيشن، مبمئي، 1998ع، ص 33
15. وگهامل، محرم خان، پروفيسر: 'سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2007ع، ص 51
16. ميمڻ، محمد صديق: 'سنڌ جي ادبي تاريخ'، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2005ع، ص 232
17. سيد ميران محمد: 'آڪاسي نروار'، سنڌ جو تعليم کاتو 1856ع،ص 3
18. سنڌي، ميمڻ عبدالغفور، ڊاڪٽر: 'اڻويهن صديءَ جو جائزو'، ماهوار پيغام،اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ، جنوري، 1989
19. عرساڻي ، شمس الدين، ڊاڪٽر:'سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، 2009ع، ص 377
20. ملاح، مختيار احمد: 'مشرقي سنڌ شناس'، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص 367
21. ساڳيو حوالو ص 368

## مددي ڪتاب ۽ مضمون

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 'سنڌي ليڪڪن جي ڊائريڪٽري'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 1974ع
2. السندي،محمد ادريس، ڊاڪٽر: سنڌ جي ماڳن ۽ شهرن بابت سنڌيءَ ۾ لکيل، مهراڻ 2ع3/ 2017ع
3. ڀٽ، الهہ رکيو ڊاڪٽر: '1819ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو'، سي ماهي مهراڻ نمبر 1 ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع
4. ملاح ، مختيار احمد: 'سنڌي زبان ۾ جاگرافيءَ جي مضمون جو ماضي، حال ۽ مستقبل'، مڊويڪ ميگزين ، روزانہ ڪاوش، 2014ع.